ته معاملو ڇا ٿيندو ؟؟؟؟

ٿوڙو اندازو لڳايو صرف 5 منٽن لاءِ پنهنجو پاڻ کي ميدان حشر ۾ بيٺل محسوس ڪيو.

هڪڙي طرف سڀ مسلمانن کي دين ۾ حڪم ٿو ڪيو وڃي ته الله جي رسي (قرآن) کي گڏجي مضبوطي سان پڪڙيو ۽ ٻئي طرف قيامت جي ڏينهن ٻنهي جهانن جا رسول صلي الله عليه وسلم فائينل رپورٽ ڏيندي ته يا الله منهنجي امت قرآن کي ڇڏي ڏنو هو.



جيڪڏهن اڄ ڏٺو وڃي ته ائين ئي ٿي رهيو آهي مسلمانن اجتماعي طور تي قرآن کي ڇڏي ڏنو آهي، جڏهن به ڪو مسئلو درپيش اچي ٿو ته مولوين سان رجوع ٿا ڪن . هڪڙي گهڙي لاءِ به اهو خيال نه ٿو اچي ته قرآن گهر ۾ رکيل آهي ڇو نه ان ۾ ڏسون ۽ جيڪڏهن ڪين مشورو ڏنو ويندو ته جواب ملندو ته اسان ڪي عالم ته نه آهيون.

اهو جواب به صحيح آهي ته قرآن کي پڙهيو هي ناهي ته علم ڪٿان ايندو ، اسان وٽ هتي قرآن کي گهر ۾ صرف ۽ صرف خير و برڪت ۽ حفاظت لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي . ڇا قرآن صرف ان لاءِ نازل ٿيو آ ته اسان هن کي ديوتا ڪري پوڄا ڪيون ، ان تي چادرون چاڙهيون ۽ خوشبوءِ لڳايون وغيره

منهنجو اهو مقصد قطعي ناهي ته قرآن جي عزت نه ڪرڻ گهرجي جڏهن ته قرآن جي تعظيم هر مسلمان لاءِ لازم آهي پر اهو به وسارڻ نه گهرجي ته قرآن جي اصل تعظيم ته انکي سمجهي پڙهڻ ۽ انتي عمل ڪرڻ آهي پر جڏهن ڪنهن ياءُ کي قرآن پڙهڻ لاءِ چيو ويندو آهي ته جواب ملندو آهي ايترو ٽائيم ڪٿي آهي جو مولوي وٽ قرآن پڙهجي ، تعجب ٿيندو آهي ته قرآن پڙهڻ لاءِ ڪنهنجي ضرورت ئي ڇو آهي ، جيڪڏهن توهان عربي نه ٿا ڄاڻو ته پنهنجي زبان ۾ پڙهو . جڏهن پاڻ الله فرمائي ٿو ته قرآن کي سمجهڻ ۾ آسان ڪيو آهي ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته قرآن ڪنهن کي سمجهه ۾ نه اچي ۽ ڪنهن مولوي جي زير نگراني پڙهيو وڃي.

## راز

جيڪڏهن ذهن هڪ طرف نه رهي ته وچڙيل خيالات معاملات جو توازن بگاڙي ڇڏيندا آهن، ۽ اهڙا ماڻهو ڪنهن معاملي مطابق بلڪل ئي گهٽ سوچي سگهندا آهن ۽ پوءِ خيالات جو وهڪرو انهن کي الجهائي ٿو وجهي . هڪ بحري جهاز باحفاظت سمنڊ انڪري هڪ جڳهه. ڪان ٻي جڳهه تي ويندو آهي جو انجون تمام مشينون هڪ ئي قانون تي عمل ڪنديون آهن جيڪڏهن هر حصو پنهنجي مريضي سان ڪم ڪرڻ لڳي ته جهاز ڏسندي ئي ڏسندي بند ٿي وڃي نه پوءِ اڳتي. وڃي سگهي نه پوئتي . بلڪ ڇوليون جتي چاهين انکي ڏڪينديون رهن ساڳي طرح اسلام جو ابتدائي دور به هڪ ئي قانون تحت هو . ان وقت سڀ مسلمانن جو هڪ ئي قانون هو ، پوءِ پلي اهو عربي هجي يا عجمي عراق جو رهاڪو ، ايران جو ، شام جو رهاڪو يا يمن جو قانون سڀن جو هڪ



PDFmyURL easily turns web pages and even entire websites into PDF!
PDFmyURL

